# عقل مند مبلغ

02-September-2021

هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

02 سيپٽمبر 2021 تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان

# عقل مند مبلغ

هن بيان ۾ اوهان ڇاڻي سگھندؤ..........

- ❖... جڏهن امير اهلسنت کي فِلم ڏسڻ جي دعوت ڏني وئي... (حڪايت)
- ❖... اُمَّت جو بهترين شخص ڪير آهي...؟
- ❖... امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ العَالِيَه جي نيڪي جي دعوت بابت حڪايتون
- ❖... غوثِ پاڪ رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه جو حڪمت سان پرپُور فرمان

پيشڪش
مجلس اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيه(اسلامڪ ريسرچ سينٽر)
(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)
ترجمو
ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ(دعوتِ اسلامي)

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ وَ الصَّلٰوۃُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الۡمُرۡسَلِیۡنَ

اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ؕ

اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلَیۡکَ یَا رَسُوۡلَ اللہ وَعَلٰی اٰلِکَ وَاَصۡحٰبِکَ یَا حَبِیۡبَ اللہ

اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلَیۡکَ یَا نَبِیَّ اللہ وَعَلٰی اٰلِکَ وَاَصۡحٰبِکَ یَا نُوۡرَ اللہ

نَوَیۡتُ سُنَّتَ الۡاِعۡتِکَافِ

**(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)**

**پيارا اسلامي ڀائرو! جڏهن به مسجد ۾ حاضري جي سعادت ملي، اعتڪاف جي نيت ضرور ڪري ونو، نيت دل جي ارادي ڪي چوندا آهن، دل ئي ۾ نيت ڪري ونو ته مان اعتڪاف سان آهيان، توهان معتڪف ٿي ويندؤ، دل ۾ نيت حاضر هوندي زبان سان به دهرائي وٺڻ سنو آهي، چاهي پنهنجي مادري زبان ئي ۾ چئي ونو: مون سنت اعتڪاف جي نيت ڪئي. ! اِنۡ شَآءَ الله! جيستائين مسجد ۾ رهندؤ، نفلي اعتڪاف جو ثواب ملندو رهندو،**

## درودِ پاڪ جي فضيلت

**رحمت عالم، نورِ مجسم** صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ **جن ارشاد فرمايو: جنهن مون تي صبح وشام 10، 10 ڀيرا دُرُودِ پاڪ پڙهيو ان ڪي قيامت جي ڏينهن منهنجي شفاعت ملندي.** (مجمع الزوائد، جلد:10، صفحہ: 163، حديث: 17022)

شافعِ روزِ جزا تم پہ کروڑوں دُرُود دافعِ جُملہ بَلا تم پہ کروڑوں دُرُود

(حدائقِ بخشش، صفحہ:264)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

# بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اَلنِّيَّةُ الْحَسَنَةُ تُدْخِلُ صَاحِبَهَا الْجَنَّةَ سچي نيت ٻانهي کي جنّت ۾ داخل ڪري ڇڏيندي آهي. (جامع صغير، صفحہ:81، حديث:1284)

**اي عاشقانِ رسول!** هر جائز ڪم کان پهريان سنيون نيتون ڪرڻ جي عادت بنائڻ گهرجي، ڇوته سٺي نيت انسان کي جنّت ۾ داخِل ڪرائيندي آهي. بيان ٻڌڻ کان پهريان به سنيون سنيون نيتون ڪري وٺو! مثال طور نيت ڪريو! ❖ عِلم دين سکڻ جي لاءِ سڄو بيان ٻڌندس ❖ اَدَب سان ويهندس ❖ بيان دوران سُستي کان بچندس ❖ پنهنجي اِصلاح جي لاءِ بيان ٻُڌندس ❖ علم دين سکي، ٻين تائين پهچائي نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جو ثواب ڪمائيندس.

اچّھی اچّھی نیّتوں کا ہو خدا جذبہ عطا بندۂ مُخلِص بنا، کر عفو میری ہر خطا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

**پيارا اسلامي ڀائرو! اَڄُ يومِ دعوتِ اسلامي آهي. الحمد للّٰه!** سيپٽمبر 1981 عيسوي تي عاشِقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جو آغاز ٿيو ۽ ڏسندي ئي ڏسندي 40 سال جي مختصر عرصي ۾ هن عَظِيمُ الشّان ديني تحريڪ سڄي دُنيا ۾ نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچائي ڇڏيون.

اللہ کی نعمت ہے یہ دعوتِ اسلامی آقا کی عنایت ہے، یہ دعوتِ اسلامی
فیضانِ رضا ہے اور یہ غوث کا فیضاں ہے خواجہ کی حمایت ہے، یہ دعوتِ اسلامی
عُشّاقِ محمد کی ٹھنڈک ہے یہ آنکھوں کی ہر دِل میں سرایت ہے، یہ دعوتِ اسلامی

**اي عاشقانِ رسول!** نيڪي جي دعوت ڏِين جو اهم ترين فريضو آهي، اسان کي نيڪي جي دعوت ڪيئن ڏيڻي آهي؟ هن بابت قرآنِ ڪريم جي ڪهڙي

تعليمات آهي؟ ۽ بانيءِ دعوتِ اسلامي شيخِ طريقت اَميراهلسنت حضرت علامہ مولانا ابوبلال محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جو دعوتِ اسلامي بنائڻ، هلائڻ ۽ سڄي دُنيا ۾ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ ۾ ڪهڙو انداز رهيو، هن باري ۾ اڄ ڪجھ مدني گل ٻڌڻ جي اسان سعادت حاصِل ڪنداسين. الله پاڪ اسان کي قرآن ۽ حديث کي پڙهڻ، سمجھڻ ۽ ان جي مطابق عَمَل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي. ۽ الله پاڪ بانيءِ دعوتِ اسلامي شيخ طريقت، امير اهلسنت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه تي ڪروڙين رحمتون نازل فرمائي، سندن ۽ سندن آل اولاد کي عافيت واري وڏي زِندگي عطا فرمائي، ڇوته ڪين هن پُر فِتَن دَور ۾ نيڪي جي دعوت کي خُوب عام ڪيو آهي.

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب!　　　صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## جڏهن فِلم ڏسڻ جي دعوت ڏني وئي...

پيارا اسلامي ڀائرو! عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي شروع شروع جي ڳالھ آهي، انهن ڏينهن ۾ دعوتِ اسلامي جو هفتيوار اجتماع دعوتِ اسلامي جي اڳوڻي مدني مرڪز ”گلزارِ حبيب مسجد (سولجر بازار، ڪراچي)“ ۾ ٿيندو هو. هڪ ڏينهن **بانيءِ دعوتِ اسلامي شيخ طريقت امير اهلسنت حضرت علامہ مولانا الياس عطار قادري رضوي** دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه اسلامي ڀائرن سان گڏ هفتيوار اِجتماع ۾ وڃي رهيا هئا. رستي ۾ هڪ هنڌ سينما گهر وٽان لنگھڻ ٿيو، اُتي هڪ نوجوان فِلم جي ٽڪيٽ وٺڻ جي لاءِ قطار ۾ بيٺل هو، ان جڏهن امير اهلسنت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه کي ڏٺو ته مَعَاذَ الله! وڏي آواز سان پُڪاري چيائين: مولانا! تمام بهترين فِلم لڳل آهي، اچي ڏسو...!

ان نوجوان جي اهڙي بدتميزي تي شيخِ طريقت، اميراهلسنت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه ڪاوڙ ۾ نه آيا بلڪ پاڻ وڏي ڪمال حڪمتِ عملي، صبر ۽ تحمُّل جو مُظَاهرو ڪندي ڦريان بلند آواز سان ان نوجوان کي سلام ڪيائون، پوءِ ويجهو وڃي

نهايت نرمي سان فرمايائون: پُٽ! مان فلمون ناهيان ڏسندو، البته اوهان مون کي دعوت پيش ڪئي ته سوچيم مان به اوهان کي دعوت پيش ڪيان، هينئر اِن شَآءَ الله! گلزارِ حبيب مسجد ۾ سنتن ڀريو اِجتماع ٿيندو، اوهان کي شرڪت جي درخواست آهي، جيڪڏهن اوهان هينئر اچي نٿا سگهو ته پوءِ ڪڏهن موقعو ملي ته ضرور اچجو. ايترو چوڻ کان بعد امير اهلسنت دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ العَالِيَه ان کي هڪ عِطر جي شيشي تحفي ۾ پيش ڪئي ۽ اجتماع جي لاءِ هليا ويا.

ڪجھ سالن کان بعد امير اهلسنت دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ العَالِيَه وٽ هڪ اسلامي ڀاءُ حاضِر ٿيو، ظاهري حليو سُنتن سان آراسته هو، مٿي تي عمامي شريف جو تاج به سجايل هو، اُن امير اهلسنت دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ العَالِيَه کي عرض ڪيو: حُضُور! ڪجھ سال پھريان هڪ نوجوان اوهان کي فِلم ڏسڻ جي دعوت ڏني هئي ۽ اوهان ڪمال صبر ۽ تحمل جو مظاهرو ڪندي، ناراض ٿيڻ بدران اجتماع ۾ شرڪت جي دعوت پيش ڪئي هئي، اهو نوجوان مان ئي آهيان. مان اوهان جي عظيم حُسنِ اَخلاق سان بيحد مُتَاَثّر ٿيس ۽ هڪ ڏينهن اجتماع ۾ اچي ويس، پوءِ مون تي ڪرم جي نظر ٿي وئي ۽ الحمد لله! مان گُناهن کان توبه ڪري دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابسته ٿي ويس . (تعارُفِ امير اہلسنت، صفحہ:40)

امیر اہلسنت آپ کی ہمت کا کیا کہنا　　جو بد کو نیک کر دیتی ہے اس دعوت کا کیا کہنا
جو صحبت میں تری آئے وہ عشقِ مصطفےٰ پائے　　میرے محسن تری مجلس، تری صحبت کا کیا کہنا
جسے تم پیار سے دیکھو، تمہارا دِل سے شیدا ہو　　محبت بانٹنے والی تری فطرت کا کیا کہنا

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب!　　صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## اُمّت جو بھترين شخص ڪير آھي...؟

اي عاشقانِ رسول! نَرمي سان، پيار سان، حڪمتِ عملي سان، موقعي جي مناسبت سان نيڪي جي دعوت ڏيڻ، ماڻھن کي دِين ڏانھن سڏڻ تمام وڏي

سَعَادت آهي. صحابيِ رسول حضرت ابوهريره رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ کان روايت آهي، الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: خِيَارُ اُمَّتِيْ مَنْ دَعَا اِلَى اللهِ تَعَالٰى وَ حَبَّبَ عِبَادَهٗ اِلَيْهِ منهنجي اُمّت جو بهترين شخص اهو آهي جيڪو الله پاڪ ڏانهن سڏي ۽ الله پاڪ جي ٻانهن جي دِلين ۾ الله پاڪ جي محبت پيدا ڪري.

(جامِع صغير، صفحہ:378، حديث:3979)

هن حديثِ پاڪ ۾ اسان جي پياري آقا، محبوبِ خُدا، سردارِ انبياء، جنابِ مُحَمَّد مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن اُمَّت جي بهترين شخص جي نشاندهي ڪئي آهي. اسان جي آقا ۽ موليٰ، مُحَمَّد مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي ناز ڀري نگاهہ ۾ اُمَّت جو بهترين شخص اهو آهي جنهن ۾ ٻہ صفتون هجن: (1): اهو ماڻهن کي الله پاڪ ڏانهن سڏيندو هجي يعني اهو شخص ماڻهن کي الله پاڪ جي دِين ڏانهن سڏيندو هجي، دُرُست اسلامي عقيدن ڏانهن سڏيندو هجي، نماز جي دعوت ڏيندو هجي، روزن جي دعوت ڏيندو هجي، تِلاوتِ قرآن جي دعوت ڏيندو هجي، حُسنِ اَخلاق جي دعوت ڏيندو هجي، ٻانهن جي حقن جي اَدائيگي جي دعوت ڏيندو هجي، مطلب تہ: جيترا بہ نيڪي جا ڪم آهن، انهن ڏانهن سڏڻ، اهو الله پاڪ ئي ڏانهن سڏڻ چئبو، ڇوتہ هر نيڪي الله پاڪ جي قُرب جو ذريعو ٿيندي آهي (2): پوءِ ان سان گڏوگڏ ان ٻانهي ۾ ٻئي وَصف اها هجي تہ هُو الله پاڪ جي ٻانهن جي دِلين ۾ الله پاڪ جي محبّت پيدا ڪري. مثال طور حڪمتِ عملي سان، پنهنجي پُرڪشش ڪردار ۽ پُرتاثير زبان جي ذريعي ماڻهن کي زُهد ۽ تقويٰ جي رغبت ڏياري، ماڻهن جي دِلين مان دُنيا جي محبت ڪڍي، دِلين ۾ آخرت جو فڪر پيدا ڪري، نَفسِ اَمَّاره جيڪو محبتِ اِلٰهي جي راهہ ۾ سڀ کان وڏي رُڪاوٽ آهي، خوفِ خُدا جي ذريعي ان جو زور ٽوڙي، پوءِ رحمتِ اِلٰهي جي اُمّيد ڏياري انهن کي الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ ٻيهاري ڇڏي.

عَلَّامہ مناوي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جي فرمان جو مَضمُون آهي: اهي ٻئي ڳالهيون يعني نيڪي جي دعوت ڏيڻ ۽ ٻانهن جي دِلين ۾ الله پاڪ جي محبت پيدا ڪرڻ، ان

کان علاوه ان شخص جي بهترين هئڻ جي لاءِ اهو بہ شرط آهي تہ هُو اهي ڪم شهرت جي لاءِ، ڪنهن دُنياوي لالچ جي لاءِ نہ ڪري بلڪہ اُن جون اهي سموريون ڪوششون صِرف ۽ صِرف الله پاڪ جي رضا جي لاءِ هجن. جيڪڏهن ايئن ٿيو تہ اهو شخص اُمَّت جو بهترين شخص آهي. (فيض القدير، جلد:3، صفحہ:463، زيرِ حديث:3979)

## ڪجھ ماڻهو ڀلائي جون چاٻيون آهن

پيارا اسلامي ڀائرو! اچو! هڪ ٻي حديثِ پاڪ ٻڌڻ جي سَعَادت حاصل ڪيون ٿا. خادِمِ مصطفيٰ، صحابي رسول حضرت اَنس بن مالِڪ رَضِیَ اللہُ عَنْہ کان روايت آهي، الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشِمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: بيشڪ ماڻهن ۾ ڪجھ اهي آهن جيڪي ڀلائي جون چاٻيون آهن ۽ بُرائي جا تالا آهن ۽ ڪجھ اهي ماڻهو آهن جيڪي بُرائي جون چاٻيون ۽ ڀلائي جا تالا آهن، پوءِ خوشخبري آهي ان شخص جي لاءِ جنهن جي هٿ تي الله پاڪ ڀلائي جون چاٻيون رکيون آهن ۽ هلاڪت آهي ان شخص جي لاءِ جنهن جي هٿ تي الله پاڪ بُرائي جون چاٻيون رکيون آهن. (جامِع صغير، صفحہ:210، حديث:2465)

هن حديثِ پاڪ ۾ ٻن قسمن جي ماڻهن جو تذڪرو آهي: (1): اهو شخص جيڪو ڀلائي جي چاٻي ۽ بُرائي جو تالو آهي يعني هي اهڙو شخص آهي جنهن جي هٿ تي نيڪي ۽ ڀلائي کي جارِي ڪيو ويو آهي، اهو ماڻهن تي صدقو ۽ خيرات ڪري ٿو، ڏُک دَرد ۾ پريل ماڻهن جي حاجت پُوري ڪري ٿو، جاهلن کي عِلم سيکاري ٿو، ڀٽڪيلن کي سڌي واٽ ڏيکاري ٿو، بي نمازين کي نمازي بڻائي ٿو، فيشن پرستن کي سنتن جو پيڪر بڻائي ٿو، جيڪي دِين کان پري هجن، انهن جي دِل ۾ دين جي محبت پيدا ڪري ٿو. (تَنوِير شرجامِع صغير، جلد:4، صفحہ:113) ۽ عَلَّامہ مناوي رَحمَۃُ اللہِ عَلَیْه لکن ٿا: ان شخص جو اهو شان آهي جو ان کي ڏسي ماڻهن کي نيڪي ياد ايندي آهي، اهو جتي ويندو آهي، نيڪين کي خوب عام ڪندو آهي، ڳالهائيندو آهي تہ ان جي وات مان نيڪ ڳالهيون نڪرنديون

آهن، سوچيندو آهي تہ نيڪي جي ڳالھ سوچيندو آهي، ان جو باطِن بہ نيڪي تي هوندو آهي ايستائين جو جيڪو ٻانهو ان جي صحبت ۾ ويهي رهي، اهو بہ نيڪ بڻجي ويندو آهي (فيض القدير، جلد:2، صفحہ:528، زيرِ حديث:2465) (2): ۽ ٻيو اهو شخص آهي جيڪو بُرائي جي چاٻي ۽ ڀلائي جو تالو آهي يعني اهو ڀھرين واري جي بلڪل ابتڙ آهي، اهو جتي ويندو آهي، بُرائي جو ٻج پوکيندو آهي، ان جي زبان مان بُرائي نڪرندي آهي، ان جي هٿ مان بُرائي ظاهر ٿيندي آهي، ان جي سوچ بہ بُرائين ڀري هوندي آهي، مطلب تہ اهو پاڻ خود بہ بُرو آهي ۽ ٻين تائين بہ بُرائي ئي پھچائيندو آهي.

انهن ٻنهي شخصن ۾ جيڪو ڀھريون آهي، جيڪو ڀلائي ڦھلائي ٿو، ان جي باري ۾ حديثِ پاڪ ۾ فرمايو ويو: ان جي لاءِ خوشخبري آهي ۽ ٻيو جيڪو بُرائي ڀکيڙي ٿو، ان جي باري ۾ ارشاد ٿيو: ان جي لاءِ هلاڪت آهي.

هن هنڌ هڪ ايمان اَفروز مدني گُل علاّمہ مناوي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه ڏنو، فرمائن ٿا: جڏهن الله پاڪ ڪنهن ٻانهي کان راضِي ٿيندو آهي تہ ان رضا جي اها نشاني آهي تہ الله پاڪ اُن ٻانهي کي ڀلائي جي چاٻي (يعني ڀلائي ڦھلائيندڙ) بڻائيندو آهي. (فيض القدير، جلد:2، صفحہ:528، زيرِ حديث:2465)

**پيارا اسلامي ڀائرو!** اسان اهي بہ حديثون مختصر شرح سان ٻڌڻ جي سَعَادت حاصِل ڪئي، هنن ٻنهي حديثن ۾ بنيادي طَور تي نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ واري جي فضيلت جو بيان آهي. الله پاڪ اسان سڀني کي هنن حدِيثن ۾ بيان ڪيل صِفتون نصيب فرمائي. اٰمِين بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِین صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

ہو اخلاق اچھا، ہو کردار ستھرا مجھے متقی تو بنا یاالٰہی
نہ نیکی کی دعوت میں سستی ہو مجھ سے بنا شائقِ قافلہ یاالٰہی
سَعَادت ملے درسِ فیضانِ سُنَّت کی روزانہ دو مرتبہ یاالٰہی

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## نيڪي جي دَعوَت عام ڪرڻ جو دُرُست طريقيڪار

سيپاري: 14، سوره نَحل، آيت: 125 ۾ ارشاد آهي:

اُدۡعُ اِلٰی سَبِیۡلِ رَبِّکَ بِالۡحِکۡمَۃِ وَالۡمَوۡعِظَۃِ الۡحَسَنَۃِ

ترجموڪنزالايمان: پنهنجي رب جي واٽ جي طرف سڏ پڪي سمجھ ۽ چڱي نصيحت سان.

هيءَ آيت سڳوري چڻ تہ ”نيڪي جي دعوت“ جي دِيني ڪم جو مڪمل نصاب (*Syllabus*) آهي. پهريان نيڪي جي دعوت ڏيڻ واري جي عظمت ۽ شان جو بيان ٻُڌو، هاڻي اچو! هن آيت سڳوري جي روشني ۾ نيڪي جي دعوت ڏيڻ جو دُرُست انداز ۽ طريقو سکون ٿا. الله پاڪ فرمائي ٿو: اُدۡعُ (سڏ!). ذِهن ۾ سُوال پيدا ٿئي ٿو: ڪنهن کي سڏيون؟ مفسِّر سڳورا فرمائن ٿا: سڄي دُنيا جي انسانن کي. (تفسير بيضاوی، پارہ:14، سورۂ نحل، زيرِ آيت:125، جلد:3، صفحہ:245)

امام غزالي رَحمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مُحتَسَبۡ (يعني جنهن کي نيڪي جي دعوت ڏيڻي آهي) ان جو صِرف هڪ شرط آهي: اُهو انسان هجي. (احياءُ العلوم مترجم، جلد:2، صفحہ:1162) جيڪو بہ انسان آهي، اهو جيئن بہ آهي، ان کي نيڪي جي دعوت ڏني ويندي، ڪافِر آهي تہ ان کي ايمان جي دعوت ڏني ويندي، گنهگار آهي تہ ان کي نيڪ ڪمن جي دعوت ڏني ويندي، جيڪو رياڪار آهي، ان کي اخلاص جي دعوت ڏني ويندي، جيڪو حَسَد جو شِڪار آهي، ان کي شڪر گُذاري جي دعوت ڏني ويندي، ڪوڙ ڳالهائڻ واري کي سچ جي دعوت ڏني ويندي، خيانت ڪرڻ واري کي امانت داري جي دعوت ڏني ويندي، غرض: جيڪو انسان آهي، ان کي نيڪي جي دعوت ڏني ويندي ۽ ان جي حَسبِ حال دعوت ڏني ويندي.

الله پاڪ فرمايو: اُدۡعُ (سڏ!). هاڻي سُوال ذِهن ۾ اچي ٿو: ڪنهن طرف سڏيون؟ ان جو جواب الله پاڪ ارشاد فرمايو: اِلٰی سَبِیۡلِ رَبِّکَ (پنهنجي رب جي راهہ

جي طرف) رَبّ جي راھ ڪھڙي آھي؟ ايمان رَبّ جي راھ آھي، سچّا چڱا عقيدا رَبّ جي راھ آھن، قرآن رَبّ جي راھ آھي، عِلمِ دين رَبّ جي راھ آھي، نماز رَبّ جي راھ آھي، روزو رَبّ جي راھ آھي، زڪوٰة رَبّ جي راھ آھي، حج رَبّ جي راھ آھي، سُنّتِ مصطفيٰ رَبّ جي راھ آھي، حُسنِ اَخلاق رَبّ جي راھ آھي، مطلب تہ: تمام نيڪيون، سڄي جو سڄو دِين، اھو سڀ ڪجھ رَبّ ئي جي راھ آھي. لھٰذا سڄي دُنيا جي انسانن کي سڏڻ آھي، ڪنھن طرف؟ اللہ پاڪ جي دِين جي طرف.

ھاڻي ٿيون سُوال ذھن ۾ اچي ٿو: ڪيئن سڏڻو آھي؟ سڏڻ جا بہ ڪوڙ طريقا ھوندا آھن: ڪڏھن ڪارڊ موڪلي گھرايو ويندو آھي، ڪڏھن پيار سان گھرايو ويندو آھي، ڪڏھن دڙڪا ڏئي سڏيو ويندو آھي، ڪيئي طريقا سڏڻ جا آھن. سڄي دُنيا جي انسانن کي اللہ پاڪ جي دِين جي طرف سڏڻو آھي، ڪيئن سڏيون؟ ان جا اللہ پاڪ بہ طريقا ارشاد فرمايا آھن:

(1):بِالۡحِكۡمَةِ (پڪي سمجھ سان) (2):وَالۡمَوۡعِظَةِ الۡحَسَنَةِ (چڱي نصيحت سان)

امام رازي، عَلّامہ بيضاوي ۽ ٻين ڪوڙ مفسر سڳورن فرمايو: ھن آيت ۾ نيڪي جي دعوت ڏيڻ جي انداز کي ورھايو ويو آھي، اَھا تقسيم ماڻھن جي ذِھني صلاحيت (*Mindset*) جي لحاظ کان آھي. (تفسير بيضاوى، پاره:14، سورۂ نحل، زيرِ آيت:125، جلد:3، صفحہ:245 ، ماخُوذًا) يعني مُعَاشري جو اھو طبقو جن کي اسان پڙھيل لکيل ماڻھو چئون ٿا، مثال طور ڊاڪٽر آھن، انجينئر آھن، وڪيل آھن، اھي ماڻھو اعليٰ ذِھني صلاحيتن جا مالِڪ ھوندا آھن، انھن کي نيڪي جي دعوت ڏيڻ جو انداز ٻيو ھوندو، ۽ مُعَاشري جو اھو طبقو جيڪو اڻ پڙھيل آھي يا گھٽ پڙھيل لکيل آھن، انھن کي نيڪي جي دعوت ڏيڻ جو انداز ڪجھ ٻيو ھوندو. لھٰذا جيڪو بہ نيڪي جي دعوت ڏيڻ وارو آھي، ان کي گھرجي تہ جنھن کي نيڪي جي دعوت ڏئي رھيو آھي، ان جي ذِھني صلاحيتن جو لحاظ رکي ۽ ھر ھڪ سان ان جي عقل جي مطابق ڪلام ڪري. سرڪارِ عالي وقار، مڪي

مدني تاجدار صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: مون کي حڪم ڏنو ويو تہ ماڻھن سان انھن جي عقلن جي مطابق خِطاب ڪيان. (اَسْنَی المطالب، صفحہ:123)

پيارا اسلامي ڀائرو! آيت سڳوري ۾ ٻہ لفظ ارشاد ٿيا: (1): حڪمت (2): مَوعِظِ حَسَنَہ. حڪمت ڇا آهي؟ مَوعِظَہ حَسَنَہ ڇا آهي؟ هن باري ۾ مفسر سڳورن ڪافِي وضاحت ڪئي آهي:

## حڪمت جي وَضاحت

❖ امام جَلالُ الدّين سُيوطي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ فرمائن ٿا: حڪمت مان مراد آهي: قُرآن. (تفسير جلالين، پارہ:14 ، سورۂ نحل، زيرِ آيت:125) يعني قرآنِ ڪريم جون آيتون ٻڌائي، قرآنِ ڪريم جي تعليمات ٻڌائي، قرآنِ ڪريم ۾ ڏنل دليل ٻڌائي، قرآنِ ڪريم ۾ بيان ڪيل حڪمت جون ڳالهيون ٻڌائي ماڻھن کي نيڪي جي دعوت ڏيو ۽ انھن کي الله پاڪ جي دِين ڏانھن سڏيو! ❖ عَلّامہ بيضاوي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ فرمائن ٿا: حڪمت مان مراد آهي: مضبوط دليل. (تفسيربيضاوی، پارہ:14 ، سورۂ نحل، زيرِ آيت:125) يعني جڏهن توهان نيڪي جي دعوت ڏيو تہ ڪچي ڳالھ نہ ڪيو، مضبوط دليل سان نيڪي جي دعوت ڏيو. ❖ عَلّامہ نسفي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ فرمائن ٿا: حڪمت مان مراد آهي: اَفعَال جي مرتبن کي ڄاڻڻ. (تفسير مدارک، پارہ:14 ، سورۂ نحل، زيرِ آيت:125) مطلب اهو آهي تہ نيڪي جنھن ڏانھن ماڻھن کي سڏڻو آهي ۽ گُناھ جنھن کان ماڻھن کي روڪڻو آهي، ان ٻنھي جا درجات آهن: بعض نيڪيون فرض جي درجي جون آهن، بعض واجب آهن، بعض سُنّتِ مؤڪده آهن، بعض سُنَّتِ غير مؤڪده آهن، بعض مستحب آهن، ايئن ئي شريعت جي منع ڪيل ڳالھين جا درجا آهن، بعض منع ڪيل ڳالھيون حرام آهن، بعض مڪروه تحريمي آهن، بعض مڪروه تنزيھي آهن، بعض خلافِ اَوليٰ آهن، اهڙي طرح باطني گُناھن جا ۽ باطني نيڪين جا درجات آهن، اهي سڀ شريعت جا اُصُول آهن، جيڪو نيڪي جي دعوت ڏيندڙ آهي، ان کي گھرجي تہ اهي تمام ڳالھيون سکي ۽ انھن جو لحاظ رکي حڪمتِ عملي سان نيڪي جي دعوت کي عام

## مَوعِظۂِ حَسَنَہ ڇا کي چئبو آهي...؟

اها تہ هُئي "حڪمت" جي وَضَاحت. هاڻي اچو! اهو ٻڌون ٿا تہ مَوْعِظَۃِ حَسَنَہ ڇا کي چئبو آهي. ❖ امام سُيوطي شافعي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ فرمائن ٿا: مَوْعِظَۃِ حَسَنَہ جو مطلب آهي: نَرم ڳالهہ. (تفسير جلالين، پاره:14، سورۂ نحل، زيرِ آيت:125) يعني نيڪي جي دعوت ڏيڻ وارو نرمي سان نيڪي جي دعوت ڏي.

۽ حقيقت تي نظر وجهون تہ نيڪي جي دعوت ٿيندي ئي نرمي سان آهي ڇوتہ نيڪي جي دعوت ڏيڻ وارو ماڻهن کي پنهنجي ڳالهہ سمجهائي رهيو هوندو آهي ۽ سختي، سمجهائڻ جو نہ بلڪ وڙهڻ جو انداز آهي. سمجهڻ سمجهائڻ، اهو نرمي سان ٿيندو آهي ۽ سختي سان جهيڙو ٿيندو آهي، هڪ مبلغ جيڪو نيڪي جي دعوت ڏيندو آهي، ان جو منصب آهي: جهيڙو ٽارڻ، جهيڙو ڪرڻ، جهيڙو وڌائڻ اهو مبلغ جو منصب نہ آهي، ان ڪري جيڪڏهن پاڻ مبلغ ئي سختي سان پيش اچي ٿو تڏهن تہ هو مبلغ رهيو ئي نہ، بلڪ پاڻ ان کي حاجت آهي تہ ڪو ان کي نيڪي جي دعوت ڏي. ان ڪري جيڪو بہ نيڪي جي دعوت ڏئي ٿو، ان کي گهرجي تہ پنهنجي منصب کي سامهون رکي ۽ مَوعِظۂِ حَسَنَہ يعني نرمي سان نيڪي جي دعوت کي عام ڪري. ❖ امام نَسفِي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ فرمائن ٿا: مَوعِظۂ حَسَنَہ جو مطلب آهي: اِنذَار ۽ بِشَارَت کي ملائڻ. (تفسير مدارڪ، پاره:14، سورۂ نحل، زيرِ آيت:125) اِنذَار جي معني آهي: ڊِڄارڻ ۽ بِشَارت جي معني آهي: خوشخبري ڏيڻ. مطلب اهو آهي تہ مبلغ خوفِ خُدا جون ڳالهيون ڪري، گُنَاهن بابت عذابات ٻُڌائي، اللّٰہ پاڪ جي غضب کان، اُن جي پڪڙ کان، عذابِ قبر کان، عذابِ جهنّم کان ماڻهن کي ڊيڄاري ۽ گڏوگڏ اللّٰہ پاڪ جي رَحمت جو بہ تذڪرو ڪري، نيڪين جون فضيلتون ٻڌائي. جيڪڏهن مبلغ صِرف عذابن ئي جون ڳالهيون ڪندو تہ ماڻهو رَحمتِ اِلٰهي کان مايوس ٿي ويندا ۽ جيڪڏهن صِرف رَحمت جون ڳالهيون ڪندو تہ ماڻهو گُنَاهن تي دلير ٿي ويندا.

بعض مفسر سڳورن فرمايو تہ مَوْعِظَۃِ حَسَنَہ جو مطلب آهي: ساديون ساديون ڳالهيون ڪرڻ، آسان آسان مثالن جي ذريعي، واقعن جي ذريعي سمجهائڻ.

اهو سڄو نيڪي جي دعوت ڏيڻ جو هڪ انداز آهي ۽ هن ڪم جا پنهنجا تقاضا آهن، مبلغ کي گهرجي تہ انهن تقاضن کي پُورو ڪري ۽ انهن جي مطابق نيڪي جي دعوت ڏئي.

اهو نيڪي جي دعوت جي انداز جو مختصر بيان آهي، جيڪڏهن هن بابت تفصيل چاهيو ٿا تہ ان جي لاءِ شيخ طريقت، امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ العَالِيه جو ڪتاب "نيڪي جي دعوت" پڙهو.

## امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ العَالِيه جو اندازِ تبليغ

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان نيڪي جي دعوت جون فضيلتون ٻڌيون، نيڪي جي دعوت ڪيئن ڏيڻي آهي، ان جو مختصر بيان بہ ٻُڌو، هاڻي اچو! دورِ حاضِر جي عَظِيمُ الشَّان مبلغ جن حڪمتِ عملي ۽ پنهنجي خوبصورت اندازِ تبليغ جي ذريعي سڄي دُنيا ۾ نيڪي جي دعوت کي عام ڪيو يعني شيخِ طريقت، امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ العَالِيه جي اندازِ تبليغ تي ٿورو غور ڪيون ٿا.

❖ شيخ طريقت، امير اهلسنت حضرت علامہ مولانا ابوبلال محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ العَالِيه فِطرِي طور تي حُسَّاس طبيعت جا مالڪ آهن. شروع کان ئي سندن اهو انداز رهيو آهي تہ پاڻ گُنَاھ ٿيندي ڏسي خاموش نہ رهي سگهندا هئا، جتي ڪنهن کي گُنَاھ ڪندي ڏٺو يڪدم موقعي مناسبت سان، حڪمتِ عملي سان نيڪي جي دعوت ڏئي ان کي گُنَاھ کان روڪڻ جي ڪوشش ڪندا آهن ❖ سيپٽمبر 1981ء ۾ امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ العَالِيه **دعوتِ اسلامي** جو آغاز فرمايو، توڙي جو پهريان بہ نيڪي جي دعوت ڏيندا هئا پر جڏهن "دعوتِ اسلامي" جو آغاز ٿيو، ان وقت کان امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ العَالِيه نيڪي جي دعوت ڏيڻ جو باقاعده سلسلو شروع ڪيو ❖ امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ

العَالِيه اهو مدني مقصد اپنايو تہ **"مون کي پنهنجي ۽ سڄي دُنيا جي ماڻهن جي اِصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي"** پوءِ هن مدني مقصد کي کڻي پاڻ نہ ڏينهن ڏٺو نہ رات، مسلسل ڪوشش ڪندا ويا، ڪندا ويا، ايستائين جو الله پاڪ جي ڪرم ۽ ان پياري حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي نَظرِ عِنَايت سان، اولياءِ ڪرام جي فيضان سان دعوتِ اسلامي جو دِيني پيغام سڄي دُنيا ۾ عام ٿي ويو.

❖ ابتداء ۾ امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ العَالِيه ڪوڙ تڪليفون سَنيون، سندن راهہ ۾ رُڪاوٽون بہ وِڌيون ويون، ڪن نادانن نيڪي جي دعوت جي هن ديني ڪم کان مَعَاذَ الله! روڪڻ جون بہ ڪوششون ڪيون پر پاڻ نہ رُڪيا، بلڪ الله پاڪ جي رحمت تي نظرون رکي اڳتي کان اڳتي وڌندا ويا. ❖ پاڻ پري پري جو سَفَر ڪندا هئا ❖ هڪ ئي ڏينهن ۾ ڪيئي ڪيئي بيان ڪندا هئا ❖ مَسجِد مَسجِد، ڳوٺ ڳوٺ، شهر شهر ويندا هئا ❖ ماڻهن کي نيڪي جي دعوت ڏيندا هئا ❖ ڪٿي مَيت تي وجي تہ مسلمانن جي غم خواري، دِل جُوئي ۽ خير خواهي جي جذبي تحت پنهنجي هٿن سان ميت کي غسل ڏيندا هئا، ڪفن پارائيندا هئا، نمازِ جنازه پڙهائيندا هئا ❖ غمي ۽ خوشي جي موقعن تي مسلمانن جي اهڙي دل جُوئي ڪندا هئا جو اهي بہ نيڪي جي دعوت کي عام ڪرڻ جي لاءِ پاڻ سان گڏ سفر ۾ شريڪ ٿي ويندا هئا.

ائين پاڻ استقامت سان نيڪي جي دعوت ڏيندا ويا، سندن مسلسل ڪوششن جي نتيجي ۾ ❖ جيڪي بي نمازي هئا نمازي بڻجي ويا بلڪ مسجدن جا امام بڻجي ويا ❖ بدنگاهي ڪرڻ وارا حيادار بڻجي ويا ❖ ماءُ پيءُ کي ستائڻ وارا بااَدب ٿي ويا ❖ چور ۽ ڌاڙيل، توبہ ڪئي، چوري، ڌاڙو ڇڏي مُعَاشَري جا شريف انسان بڻجي ويا ❖ حَسَد جي باهہ ۾ سڙندڙ شڪر گذار ۽ خير خواهہ ٿي ويا ❖ فلمن ۽ گانن جا شوقين نعتِ مصطفيٰ پڙهڻ ٻڌڻ وارا بڻجي ويا ❖ دُنيا جي گندي گناهن ڀري عشق جا ديوانا، پياري مصطفيٰ، مڪي مدني آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زُلفن جا ديوانا ٿي ويا ❖ مال ۽ دولت جي پٺيان ڀڄڻ

وارا رضاءِ اِلٰهي جا طلب گار ٿي ويا ❖ شرابي آيا، توبہ ڪري پاڪيزه انسان بڻجي ويا ❖ غافِل آيا، عبادت گذار ٿي ويا ❖ پتڪيلن ڪي سڌي واٽ ملي وئي ❖ هزارين ڪافِرن کي اسلام جي نعمت نصيب ٿي. ايئن هڪ هڪ بہ بہ ايندا ويا، نيڪي جي دعوت جي هن سفر ۾ پاڻ سان ملندا ويا، ڪاروان بڻجندو ويو ۽ الحمد لله! نيڪي جي دعوت جو اهو ديني پيغام سڄي دُنيا ۾ پهچي ويو.

اے امیرِ اہلسنت تیری شوکت زندہ باد — تجھ سے دُنیا بھر میں ہے دِیں کی اشاعت زندہ باد
تیرے دم سے آئی وہ دینِ و شریعت کی بہار — اعلیٰ حضرت زندہ اور صدرِ شریعت زندہ باد
تیری مجلس میں گئے جو بن گئے صالح سعید — نوجواں پر ہو ترا فیضانِ صحبت زندہ باد
گوشہ گوشہ دنیا کا ہونے لگا ہے فیض یاب — عام ہر سُو ہو گیا فیضانِ سُنَّت زندہ باد

(مناقب عطار، صفحہ:15-16)

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## شراب جو عادِي سُڌري ويو

ڪراچي جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي: منهنجو هڪ جگري دوست هو جيڪو تمام گهڻو ماڊرن، جواء ۽ شراب جو عادِي هو، مَعَاذَ الله! گُناهن تي ايترو دلير هو جو ڪنهن نموني نہ مڙندو هو، هڪ ڀيري مون ان کي اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ العَالِيه جو آڊيو بيان ڏنو.

ان جڏهن اهو بيان ٻڌو تہ امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ العَالِيه جا الفاظ تاثير جو تِير بڻجي ان جي دِل ۾ پيوست ٿيڻ لڳا، الحمد لله! امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ العَالِيه جي بيان جي برڪت سان حيرت انگيز طَور تي ان جي دِل ۾ مدني انقلاب برپا ٿيو ۽ ان گُناهن کان توبہ ڪري ورتي، ڏاڙهي شريف بہ رکي ورتي ۽ مٿي تي عمامي شريف جو تاج بہ سجائي ورتو. (تعارُفِ امیر اہلسنت، صفحہ:26)

## قادياني مسلمان ٿي ويو

هڪ ڀيري شيخ طريقت امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ العَالِيه نيڪي جي دعوت جي سلسلي ۾ فيصل آباد آيا، اتي پاڻ اجتماع ۾ بيان فرمايو، ان اجتماع ۾ هڪ قادياني به شريڪ هو، اهو توڙي جو تنقيدي ذِهن سان اجتماع ۾ آيو هو پر امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ العَالِيه جي پُراَثر بيان جو ان تي اهڙو اَثر ٿيو جو گهر وڃي سڄي رات روئيندو رهيو، پوءِ ان امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ العَالِيه کي خط لکي ٻڌايو ته مان پاڻ به قادياني آهيان ۽ اجا تائين 70 مسلمانن کي گمراهه ڪري قادياني ٺاهي چُڪو آهيان، هاڻي مان توبه تائب ٿي مسلمان ٿيڻ چاهيان ٿو، مون کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟ شيخ طريقت، امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ العَالِيه ان کي يڪدم جواب لکي تلقين ڪئي! ته اوهان پاڻ يڪدم اسلام قبول ڪيو ۽ جن مسلمانن کي گمراه ڪيو آهي، انهن کي به ٻيهر مسلمان ڪرڻ جي ڪا صُورت ڪيو. الحمد لله! امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ العَالِيه جو جوابي خط ملندي ئي اهون ڪلمو پڙهي مسلمان ٿي ويو، پوءِ ان پنهنجي گهر وارن کي به امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ العَالِيه جا بيان ٻُڌايا، جنهن جي برڪت سان ان جو سڄو خاندان ڪلمو پڙهي مسلمان ٿي ويو. (تذکره امير اہلسنت، قسط:1، صفحہ:10)

## گونگن ٻوڙن اسلامي ڀائرن کي نيڪي جي دعوت

دعوتِ اسلامي جي شروع شروع جي ڳالهه آهي، شيخ طريقت، امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ العَالِيه ڪجهه اسلامي ڀائرن کي گڏ وٺي نيڪي جي دعوت ڏيڻ جي لاءِ کارا دَر (ڪراچي) جي علائقي ۾ ويا، اتي سندن نگاهه هوٽل ۾ ويٺل ڪجهه گونگن ٻوڙن اسلامي ڀائرن (*Special Persons*) تي پئي، پاڻ هوٽل ۾ داخِل ٿيندي ۽ انهن کي اشارن جي ذريعي نماز جي دعوت ڏني. امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ العَالِيه جي ان نيڪي جي دعوت جي جواب ۾ گونگن ٻوڙن اسلامي ڀائرن (*Special Persons*) اشارن ئي جي ذريعي ٽال مٽول ڪئي پر امير اهلسنت ڪوشش جاري رکي ۽ انهن کي اشارن جي ذريعي نماز قضا ڪرڻ جا عذاب ٻڌايا، الحمد لله!

سندن خلوص ڀري دعوت جي برڪت سان اهي گونگا ٻوڙا اسلامي ڀائر گڏجي مسجد هلڻ جي لاءِ تيار ٿي ويا، اتي نماز کان بعد ڪين بيان فرمايو، بيان کان بعد ملاقات جي دوران ٻيهر انهن گونگن ٻوڙن تي شفقت فرمائي. امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي هن ڪوشش ۽ شفقت جي برڪت سان مَاشَآءَ الله! اهي گونگا ٻوڙا اسلامي ڀائر دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابسته ٿي ويا ۽ عَطّاري به بڻجي ويا. ان کان بعد ئي گونگن ٻوڙن اسلامي ڀائرن ۾ باقاعِده نيڪي جي دعوت جو ڪم شروع ٿيو، جلد ئي نه صِرف پاڪستان بلڪ ٻاهرين ملڪن (*Overseas*) ۾ به گونگن ٻوڙن اسلامي ڀائرن تائين دعوتِ اسلامي جو پيغام وجي پهتو. (تذڪره امير اہلسنت، قسط:1، صفحہ:12) هاڻي دعوتِ اسلامي جي دِيني ماحول ۾ گونگن ٻوڙن اسلامي ڀائرن کي اِسپَيشل پَرسَنز (*Special Persons*) يعني خصوصي اسلامي ڀائر) چيو ويندو آهي.

جس نے ہر سُو ہے سُنَّت کا چرچا کیا ایسے حامیٔ سُنَّت کی کیا بات ہے
جس نے روشن کیا سنتوں کا دِیا اس امیر اہلسنت کی کیا بات ہے
جس نے بدلے ہیں لاکھوں کروڑوں کے دِل ان کی نظرِ ولایت کی کیا بات ہے
دیکھ کر اُن کو سب ہیں یہی بولتے اس ولی کی زیارت کی کیا بات ہے

(مناقب عطار، صفحہ:139)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جون ڪجھ اعليٰ صِفتون

پيارا اسلامي ڀائرو! امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه کي الله پاڪ ڪوڙ سارين خوبين سان نوازيو آهي، پاڻ کي تقويٰ ۾ ڏسو، بي مثال آهن، خوفِ خُدا ۾ ڏسو، بي مثال آهن، عشقِ مصطفيٰ ۾ ڏسو، بي مثال آهن، صبر ۽ استقامت ۾ ڏسو، بي مثال آهن، عِبَادت ۽ رياضت ۾ ڏسو، بي مثال آهن، عِلم ۾ ڏسو، بي مثال آهن،

عَمَل ۾ ڏسو، بي مثال آهن، مطلب: ڪوڙ ساريون خوبيون آهن جيڪي الله پاڪ امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ العَالِيَه کي عطا ڪيون آهن پر نيڪي جي دعوت جو ديني ڪم سڄي دُنيا ۾ عام ڪرڻ جي اعتبار سان امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ العَالِيَه جون ٽي صفتون تمام اَهم آهن:

❶ **اِخلاص:** امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ العَالِيَه **الحمد لله**! هميشه رِضاءِ اِلٰهي جا طلب گار رهن ٿا، پاڻ نيڪي جي دعوت جو ديني ڪم به ڪڏهن ڪنهن دُنياوي لالچ سبب ناهي ڪيو بلڪ دعوتِ اسلامي جي ابتداء ۾ جڏهن امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ العَالِيَه ڏور ڏورانهون علائقن ۾ وڃي نيڪي جي دعوت عام ڪندا هئا، ان وقت پاڻ پنهنجو ماني جو ٽفن گڏ رکندا هئا، ايستائين جو لوڻ جي دٻي ۽ پاڻي به گڏ هوندو هو ته جيئن ماڻهن کان سُوال نه ڪرڻو پوي.

❷: **استقامت**: امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ العَالِيَه جڏهن دعوتِ اسلامي جو آغاز ڪيو ته نيڪي جي دعوت جي ان سَفَر ۾ تمام گهڻيون رُڪاوٽون به آيون، ڪين ستايو به ويو، مالي پريشانين کي منهن ڏيڻو پيو بلڪ پاڻ تي قاتِلاڻا حملا پڻ ٿيا، ان جي باوُجُود امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ العَالِيَه نيڪي جي دعوت جي ان ديني ڪم کان پوئتي نه هٽيا، استقامت سان پنهنجي مدني مقصد جي تڪميل ۾ مَصرُوف رهيا، ايستائين جو الله پاڪ دعوتِ اسلامي کي عُرُوج عطا ڪيو.

❸: **حڪمتِ عملي**: امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ العَالِيَه جي هڪ تمام وڏي خوبي اها آهي جو الله پاڪ کين "حڪمتِ عملي" جي نعمت سان نوازيو آهي.

## حڪمتِ عملي ڇا آهي...؟

**حڪمتِ عملي** هڪ وسيع لفظ آهي، ان جي باقاعده تعريف (*Defination*) ڪرڻ دُشوار آهي، مختصر طور تي ايئن سمجهو ته **"موقعي جي مناسبت سان بر وقت ۽ دُرُست فيصلا ڪرڻ جو نالو حڪمتِ عملي آهي."**

ياد رکو! ڪنهن به ڪم ۾ ڪامياب ٿيڻ جي لاءِ بنيادي طور تي ٻه شيون

ضروري هونديون آهن: (1): اُن ڪم ڪي ڪرڻ جي صلاحيت (2): حڪمتِ عملي. جديد تحقيقات جي مطابق ڪنهن ڪم ۾ ڪاميابي جو هڪ فارمولو ٺاهيو ويو آهي:

***Skills: 20%*** + ***Strategy: 80%*** = ***Success***

يعني: ڪنهن ڪم ڪي ڪرڻ جي صلاحيت: 20 سيڪڙو، حڪمتِ عملي: 80 سيڪڙو هجي ته نتيجو ڪاميابي نڪري ٿو. مقصد اهو ته ڪنهن به ڪم ۾ ڪاميابي جي لاءِ صِرف مهارت ڪافي نه آهي، حڪمتِ عملي جو هئڻ اشَد ضروري آهي، ان جي بغير ڪاميابي ملڻ نهايت مشڪل آهي.

دعوتِ اسلامي جي ڪاميابي ۾ به الحمد لله! تمام وڏو ڪردار امير اهلسنت دَامَتْ بَرَڪَاتُهُمُ العَالِيه جي حڪمتِ عملي جو آهي. امير اهلسنت دَامَتْ بَرَڪَاتُهُمُ العَالِيه جڏهن کان دعوتِ اسلامي جو آغاز فرمايو، تڏهن کان هينئر تائين پاڻ غور و فِڪر سان، مشورن جي ذريعي موقعي جي مُطَابق، بروقت ۽ دُرُست فيصلا ڪندا ويا، پوءِ پاڻ ۾ مشوري سان جيڪو طئي ٿيو، ان کي عملي جامو پارائيندا ويا، جنهن جي نتيجي ۾ سندن لڳايل بوٽو (يعني دعوتِ اسلامي) وقت سان گڏوگڏ وڌندو ويو ۽ هاڻي الحمد لله! مضبوط وڻ جي صُورت ۾ دُنيا جي سامهون آهي.

## دعوتِ اسلامي ۾ دِيني خدمتن جا شعبا

اوهان ٿورو غور ڪريو! ❖ 1981ء ۾ دعوتِ اسلامي جو آغاز ٿيو، دعوتِ اسلامي جي ديني ڪمن ۾ پهريون ديني ڪم آهي: هفتيوار اجتماع. شيخ طريقت، امير اهلسنت دَامَتْ بَرَڪَاتُهُمُ العَالِيه ڪراچي ۾ هفتيوار اجتماع جو آغاز فرمايو، هِتان کان نيڪي جي دعوت عام ٿيڻ لڳي ❖ مسجِدن ۾ دَرس شروع ٿيا ❖ پوءِ ضرورت محسُوس ٿي ته مَسجِد ۾ اچڻ وارن تائين ته نيڪي جي دعوت پهچي رهي آهي پر جيڪي مسلمان بدقسمتي سان مسجدن کان پري آهن، انهن کي ڪيئن مسجد ۾ آندو وڃي، ان جي لاءِ چوڪ درس شروع ٿيا ❖ پوءِ دعوتِ اسلامي ڪنهن هڪ علائقي جي تحريڪ نه هئي، امير اهلسنت دَامَتْ بَرَڪَاتُهُمُ العَالِيه اهو

مقصد ڪٺي نڪتا هئا تہ **”مون کي پنهنجي ۽ سڄي دُنيا جي ماڻهن جي اِصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي“** ان مقصد جي تڪميل جي لاءِ پُوري دُنيا ۾ دِين جو پيغام پهچائڻو هو، تنهنڪري مدني قافلن جو سلسلو شروع ٿيو ❖ ڏور ڏورانهين علائقن ۾ نيڪي جي دعوت عام ٿيڻ لڳي ❖ سڄي دُنيا جي ماڻهن ۾ اسلامي ڀينرون پڻ شامِل آهن، انهن تائين بہ نيڪي جي دعوت پهچائڻي هئي، تنهنڪري شَرعِي احتياطن سان اُنهن ۾ بہ ديني ڪم شروع ڪيا ويا ❖ ايئن وقت سان گڏوگڏ شعبا (*Department,s*) ٺهندا ويا ❖ ٻارن ۽ ٻارڙين ڪي دُرست تجويد و قراءت سان قرآنِ ڪريم حفظ و ناظِره جي تعليم جي لاءِ **مدرسة المدينہ** جي نالي سان مدرسہ قائِم ڪيا ويا، **الحمد للّٰه**! هينئر تائين پاڪستان ۽ اَوَر سِيز (*Overseas*) ۾ **ڪل** 4 **هزار** 6 **سو** 50 **مدارسُ المدينہ قائِم آهن ۽ انهن ۾ پڙهندڙ ٻارن ۽ ٻارڙين جو تعداد** 2 **لک**، 16 **هزار** 841 **آهي**.

❖ وڏي عمر جا اسلامي ڀائر ۽ اسلامي ڀينرون جيڪي درست تجويد و قراءت سان قرآنِ ڪريم پڙهي نہ سگهنديون هيون، انهن کي قرآنِ ڪريم جي تعليم ڏيڻ جي لاءِ **اسلامي ڀائرن جا مدرسة المدينہ ۽ اسلامي ڀينرن جا مدرسة المدينہ** جدا جدا شروع ڪيا ويا، جن جو تعداد هاڻي تائين پاڪستان ۽ ٻاهرين ملڪ ۾ 39 **هزار** 2 **سَو** 51 **تائين پهچي چڪو آهي ۽ انهن ۾ پڙهندڙ اسلامي ڀائرن ۽ اسلامي ڀينرن جو تعداد** 2 **لک** 27 **هزار** 4 **سو** 65 **آهي**.

❖ گڏوگڏ جهالت جي اونداهي ختم ڪري علمِ دين جي روشني ڦهلائڻ جي لاءِ اسلامي ڀائرن ۽ اسلامي ڀينرن جي لاءِ عليحده عليحده **جامعاتُ المدينہ** قائِم ٿيا، جتي درسِ نظامي يعني عالِم ڪورس ڪرايو ويندو آهي، هن وقت تائين پاڪستان ۽ ٻاهرين ملڪ ۾ 1127 **جامعاتُ المدينہ قائِم آهن، جن ۾ پڙهندڙ اسلامي ڀائرن ۽ اسلامي ڀينرن جو مجموعي تعداد** 88 **هزار** 835 **آهي**.

❖ هاڻي مَصرُفِيت جو دَور آهي، تنهنڪري ماڻهن جي سُهولت جي لاءِ **فيضان آن لائِن اڪيڊمي** (بوائِز اينڊ گرلز) جو آغاز ڪيو ويو، هتي آن لائن حِفظ ۽ ناظِره،

دَرسِ نظامي يعني عالِم ڪورس ۽ ان ڪان عِلاوه 55 ڪان وڌيڪ ڪورسَ اسلامي ڀائرن ۽ اسلامي ڀينرن کي شرعِي احتياطن جو لحاظ رکي ڪرايا ويندا آهن. هينئر تائين **فيضان آن لائن اڪيڊمي** جون ٽوٽل 43 برانچون قائِم آهن، جن ۾ پڙهندڙن جو تعداد 20 هزار کان وڌيڪ آهي.

❖ هاڻ عِلم دِين جي روشني ڦهلجڻ لڳي، حافِظ، قارِي، عالِم بڻجندا ويا، پوءِ زندگي ۾ پيش ايندڙ مختلف مسئلن جي شرعِي حل جي لاءِ دار الافتاء اهلسنت قائم ڪيا ويا، جتي مفتي سڳورا ويهندا آهن ۽ فتوائون لکندا آهن، اتي تحريري فتوائن جي ذريعي، فُون ڪالز (*Calls*) جي ذريعي، واٽس ايپ ۽ اِي ميل وغيره جي ذريعي ماڻهن کي پيش ايندڙ شرعِي مَسئلن جو حَل ٻڌايو ويندو آهي.

❖ هاڻي عالم سڳورا ته تيار ٿيندا ويا، پر علمِ دين جو فيضان عام ڪرڻ جي لاءِ ايترو ئي ڪافِي نه هو، **المدينةُ العِلمِيه** (اسلامِڪ ريسرچ سنٽر) قائِم ڪيو ويو، هتي تفسير، حديث، فقه، سيرت ۽ مختلف موضوعن تي ڪتاب لکيا ويندا آهن، عاشِقَانِ رسول عالمن جي لکيل ڪتابن جا آسان اُردو زبان ۾ ترجما ڪيا ويندا آهن، پُراڻن ديني ڪتابن کي دورِ حاضِر جي تقاضائن جي مطابق شايع ڪيو ويندو آهي، خاص ڪري اعليٰ حضرت امامِ اهلسنت شاهه امام احمد رضا خان رَحمَةُاللهِ عَلَيه ۽ امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ العَالِيه جي ڪتابن تي ڪم ڪيو ويندو آهي.

❖ هاڻي ڪتاب لکيا وڃڻ لڳا ته انهن کي شائع (*Publish*) به ڪرڻو هو، هڪ شعبو قائِم ٿيو: **مڪتبة المدينه**. هتان ڪان ديني ڪتاب شائع ڪري وڪرو ڪيو ويندو آهي

❖ اهي تمام ته ديني تعليم جا ادارا هئا، ٻارن ۽ ٻارڙين جي صحيح اسلامي انداز تي تعليم ۽ تربيت ۽ دنياوي تعليم جي لاءِ **دار المدينه اسلامڪ اسڪول سسٽم** قائِم ٿيو، اِن شَآءَ الله الڪرِيم! عنقريب **دارُ المدينه ڪالج ۽ يونيورسٽي** جو به آغاز ٿي ويندو.

❖ دعوتِ اسلامي جيئن جيئن اڳتي وڌندي وئي، عروج ماڻيندي وئي، ماڻهو

ملندا ويا، ڪاروان بڻجندو ويو، جيڪي اسلامي ڀائر ۽ اسلامي ڀينرون دعوتِ اسلامي سان وابستہ ٿي رهيا هئا، انهن جي ديني، اخلاقي ۽ تنظيمي تربيت جي لاءِ شعبو **دارُ السُنَّۃ** قائِم ڪيو ويو، جيڪو جيترو وقت ڏئي سگهي ٿو، پنهنجي سُهولت جي مُطابق **دارُ السُنَّۃ** تي اچي عِلم دِين سکي سگهي ٿو.

❖ دعوتِ اسلامي جو دِيني ڪم مزيد وڌيو، زِندگي جي مختلف شعبن سان وابستہ ماڻهن کي نيڪي جي دعوت ڏيڻ جو سلسلو شروع ٿيو تہ مختلف شعبن جي افراد جي لاءِ الڳ الڳ ڊيپارٽمنٽ بڻجندا ويا. مثال طور:

❖ اسڪول ڪاليج، يونيورسٽي، اڪيڊميز وغيره تعليمي ادارن ۾ نيڪي جي دعوت کي عام ڪرڻ، شاگردن (*Students*)، استادن (*Teachers*) ۽ ٻي اسٽاف جي ديني تربيت جي لاءِ **شعبہ تعليم**

❖ هوميو پيٿڪ سان وابستہ افراد ۾ نيڪي جي دعوت کي عام ڪرڻ جي لاءِ رابطہ براءِ **هوميو پيٿڪ ڊيپارٽمنٽ**

❖ زراعت ۽ لائيو اسٽاڪ جي شعبي سان جيڪي وابستہ آهن، انهن ۾ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جي لاءِ **رابطہ براءِ ايگريڪلچر اينڊ لائيو اسٽاڪ**

❖ حڪمت يعني هربل ميڊيسن (*Herbal Madicine*) جي شعبي سان وابستہ اسلامي ڀائرن ۾ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جي لاءِ **شعبہ رابطہ براءِ حڪيم**

❖ مزاراتِ اولياء تي اينڊڙ زائرين کي مزارن تي حاضِري جا آداب سيکارڻ ۽ نيڪي جي دعوت ڏيڻ جي لاءِ **شعبہ مزاراتِ اولياء**

❖ پوليس، سياست، سرڪاري ادارن سان وابستہ افراد ۾ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جي لاءِ **شعبہ رابطہ براءِ شخصيات**

❖ بزنس ڪميونٽي سان وابستہ عاشقانِ رسول ۾ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جي لاءِ **شعبہ رابطہ براءِ تاجران**

❖ ڪورٽ، ڪچهري سان وابستہ افراد مثال طور وڪيلن ۽ ججن ۾ نيڪي

جي دعوت عام ڪرڻ جي لاءِ **شعبہ رابطہ براءِ وُکلاء**

❖ ريلوي، ايئر پورٽ، گڊز ٽرانسپورٽ، بس ۽ ٽيڪسي اسٽينڊ وغيره سان وابستہ افراد ۾ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جي لاءِ **رابطہ براءِ ٽرانسپورٽ ڊپارٽمنٽ**.

❖ شوبز سان وابستہ افراد ۾ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جي لاءِ **شعبہ رابطہ براءِ شوبز**

❖ اسپورٽس سان وابستہ افراد مثال طور رانديگرن وغيره ۾ نيڪي جي دعوت کي عام ڪرڻ جي لاءِ **رابطہ براءِ اسپورٽس ڊپارٽمنٽ**

❖ صحافت سان وابستہ افراد ۾ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جي لاءِ **ميڊيا ڊيپارٽمنٽ** ❖ قيدين جي اصلاح ۽ ديني تعليم ۽ اخلاقي تربيت جي لاءِ **شعبہ اِصلاح براءِ قيديان** ❖ گونگن، ٻوڙن، معذور ۽ نابين افراد ۾ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جي لاءِ **اسپيشل پرسنز ڊپارٽمنٽ** ❖ عازمينِ حج ۽ عمره جي شرعي، اخلاقي تربيت ۽ ان ۾ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جي لاءِ **شعبہ حج و عمره** ❖ نئي آبادي وارين ڪالونين وغيره ۾ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جي لاءِ **نيو سوسائيٽيز ڊپارٽمنٽ** ❖ نئون مسلمان ٿيندڙ اسلامي ڀائرن جي ديني اخلاقي ۽ شرعي تربيت جي لاءِ **شعبہ فيضانِ اسلام** ❖ انجينئرز، اڪاؤنٽ آفيسرز وغيره ۾ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جي لاءِ **پروفيشنلز ڊپارٽمنٽ** ❖ امير اهلسنت جي طرفان عطا ڪيل نيڪ اعمال جي اشاعت، تربيت ۽ ڪارڪردگي وغيره جي لاءِ **شعبہ اصلاحِ اعمال** ❖ بيمارن، قرض دارن، پريشان حالن جي خير خواهي، استخاره، اَوراد ۽ وظائِف جي ذريعي علاج جي لاءِ **شعبہ روحاني علاج** ❖ شرعي، اخلاقي ۽ تنظيمي تربيت جي مختلف ڪورسن جي لاءِ **شعبہ مدني ڪورسز** ❖ مَسجدون جيڪي اسلام جون اَهم مرڪز آهن، انهن جي تعمير ۽ آباد ڪاري جي لاءِ **شعبہ خُدّامُ المَسَاجِد وَ المَدَارِس** ❖ دعوتِ اسلامي جي زير اهتمام مَسجِدن ۾ امام اسلامي ڀائرن جي فراهمي، انهن جي اجاري (*Salary*) ۽

انهن جي ڪارڪردگي وغيره جي لاءِ **شعبہ اَئِمَّہ مساجد** ❖ مسلمان مرد ۽ عورت جي انتقال جي موقعي تي مسلمانن جي خير خواهي ۽ غم خواري ڪندي ميت جي غسل، ڪفن دفن وغيره جي لاءِ **شعبہ ڪفن دفن** ❖ ديني ۽ مقدس تحريرات کي بي ادبي کان بچائڻ ۽ انهن کي محفوظ يا تڏو ڪرڻ جي لاءِ **شعبہ تحفظِ اوراقِ مقدسہ** ❖ دورِ حاضِر ۾ *T.V*، انٽرنيٽ ۽ سوشل ميڊيا گُناهن جا تمام وڏا ذريعا بڻجي چڪا آهن ۽ انهن جي ڪري ڏسندي ئي ڏسندي بي حيائي، فحاشي ۽ گُناهن جو هڪ سيلاب اچي ويو آهي. **الحمد لله**! شيخِ طريقت امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ العَالِيه **هن پاسي بہ ڌيان ڏنو ۽ مدني چينل جارِي** ڪيو، مدني چينل هن وقت ٽائين ٽن زبانن (انگلش، اردو ۽ بنگلا) ۾ دُنيا جي اڪثر ملڪن ۾ اسلامي نشريات ڏيکاري رهيو آهي، اهڙي طرح يوٽيوب تي دعوتِ اسلامي پنهنجا چينل بڻايا، فيس بُڪ جا اڪاؤنٽس بڻايا، دُنيا جا لکين ماڻهو اسمارٽ فون استعمال ڪن ٿا، انهن ٽائين اسمارٽ فون جي ذريعي نيڪي جي دعوت پهچائڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي *I.T* ڊيپارٽمنٽ جي ذريعي مختلف موبائل ايپلي ڪيشنز بڻايون ويون ۽ اهو سلسلو اڳتي بہ جارِي آهي. انهيءَ *I.T* ڊپارٽمنٽ هڪ موبائل ايپلي ڪيشن جاري ڪئي آهي: ***Dawateislami & Digital Services*** (دعوتِ اسلامي ۽ ڊيجيٽل سروسز) هن موبائل ايپلي ڪيشن ۾ دعوتِ اسلامي جي تمام ڊيجيٽل سروسز بابت معلومات ڏني وئي آهي.

❖ **اَلحمد لله**! دعوتِ اسلامي ويلفيئر (يعني فلاحي ڪمن) ۾ بہ خوب خِدمت ڪري رهي آهي، هن جي لاءِ **شعبو** *FGRF* قائِم آهي، هن شعبي تحت **آقا** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جي ڏُکايل اُمَّت جي خير خواهي جي لاءِ**، انهن جا ڏُک دَرد دُور ڪرڻ جي لاءِ، سيلاب، زلزلو وغيره مختلف آفتن جي موقعن تي رقم، لباس، کاڌو وغيره پيش ڪري مدد ڪئي ويندي آهي. لاڪ ڊاؤن دوران **الحمد لله**! لکين عاشقانِ رسول ۾ ڪيش رقم ۽ کاڌي پيتي جون شيون ورهايون ويون، ٿيليسيميا فري پاڪستان تي بہ ڪم **الحمد لله**! جاري آهي. اِن شَآءَ الله الڪرِيم! **عنقريب دعوتِ** اسلامي ”مدني هوم“ بہ بڻائي رهي آهي، جتي يتيمن جي پرورش جو، انهن جي

ديني ۽ دُنياوي تربيت لاءِ بندوبست ڪيو ويندو ۽ انهن کي مُعَاشري جو بهترين فرد بنائڻ ۾ مدد ڪئي ويندي.

اهڙي طرح وقت سان گڏوگڏ امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه ڪمال حڪمتِ عملي جو مُظَاهرو ڪندي موقعي جي مناسبت سان دُرست ۽ بروقت فيصلا ڪندا ويا، شعبا ٺهندا ويا، دعوتِ اسلامي ترقي ڪندي وئي ۽ الله پاڪ جي فضل سان، ان جي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي نظرِ عنايت سان، اولياءِ ڪرام جي فيضان سان ڪراچي شهر جي هڪ علائقي مان نڪرندڙ ديني تحريڪ ڏسندي ئي ڏسندي الحمد لله! شهر شهر، ڳوٺ ڳوٺ، مُلڪ مُلڪ پکڙجندي وئي، سُنتن جو ڪم ٿيندو ويو، دِين جي تبليغ ٿيندي وئي ايستائين جو امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي هن ڪمال حڪمتِ عملي جون بهارون ڏسي زمانو پُڪارڻ لڳو:

مسلک کا تو امام الیاس قادری تدبیر تیری تام ہے، الیاس قادری
فکرِ رضا کو کر دیا عالم پہ آشکار یہ تیرا اُونچا کام ہے الیاس قادری
ہے دعوتِ اسلامی کی دُنیا میں دُھوم دھام مقبول تیرا کام ہے الیاس قادری
تنہا چلا تو ساتھ ترے ہو گیا جہاں میٹھا ترا کلام ہے الیاس قادری
سَر پر عمامہ ماتھے پہ سجدوں کا نُور ہے جو بھی ترا غُلام ہے الیاس قادری

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

شيخ طريقت امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي ڪمال حڪمتِ عملي جو هڪ ٻيو پهلو بہ آهي، اهو هي تہ ڪم ڪرڻ، ڪم ٿي وڃڻ، اها تمام وڏي ڳالهه آهي پر ان کان وڌيڪ اهم ۽ ضروري هوندو آهي: ڪم کي دَوَام ملڻ، يعني ڪم ۾ هميشگي اچي، ڪم هلندو رهي. ان جي لاءِ شيخ طريقت، امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه مختلف مجلسن جو نِظَام ٺاهيو، پوءِ تمام مجلسن تي مَرڪزِي مَجلِسِ شُوريٰ ٺاهي ۽ دعوتِ اسلامي جو سڄو نِظَام مرڪزِي مَجلِسِ شُوريٰ جي

حوالي ڪري ڇڏيو، هاڻي دعوتِ اسلامي جا سيئي دِيني ڪم مَجلِسِ شُوريٰ تحت هلن ٿا. دعوتِ اسلامي جي دِيني ڪمن جي لاءِ ايئن مجلسن جو نظام بنائڻ ۾ ڪوڙ ساريون حڪمتون ۽ فائدا آهن، اُنهن ۾ هڪ حڪمت اها به آهي ته توڙي اَفراد دُنيا ڪان هليا به وجن، تڏهن به دعوتِ اسلامي جو دِيني ڪم اِن شَآءَ الله الڪرِيم! هلندو رهندو، نيڪي جي دعوت عام ٿيندي رهندي ۽ دِين جو پيغام سڄي دُنيا ۾ پهچندو رهندو. اِن شَآءَ الله الڪرِيم!.

الله پاڪ اسان کي به نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي، ڪاش! امير اهلسنت دَامَتْ بَرَڪَاتُهُمُ العَالِيه جو صدقو نصيب ٿئي ۽ اسان عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي ديني ڪمن ۾ وڌ ڪان وڌ حِصو وٺڻ وارا بڻجي وجون.

دَعوتِ اسلامی کی قَیُّوم، سارے جہاں میں مچ جائے دُھوم اس پہ فدا ہو بچہ بچہ، یاالله مری جھولی بھر دے

## غوثِ پاڪ رَحمَةُ اللهِ عَلَيه جو مبارڪ فرمان

اچو! پيرانِ پير، پير دستگير، حُضُور غوثِ اعظم شيخ عبد القادرجيلاني رَحمَةُ اللهِ عَلَيه جو هڪ مبارڪ فرمان مختصر وضاحت سان ٻڌون ٿا. حُضُور غوثِ اعظم رَحمَةُ اللهِ عَلَيه فرمائن ٿا: ماڻهن جا چار قسم آهن:

❶: پهريون اهو شخص "لَا لِسَانَ لَهٗ وَ لَا قَلْبَ" جنهن وٽ نه زبان آهي نه دِل آهي (يعني اهو شخص جيڪو نه پنهنجي اِصلاح ڪري ٿو، نه ٻين جي، نه ان جي دِل ۾ نيڪي جو خيال آهي، نه زبان تي نيڪي جي دعوت. غوثِ پاڪ رَحمَةُ اللهِ عَلَيه فرمائن ٿا:) بارگاهِ اِلٰهي ۾ ان جي ڪا قَدر ۽ قيمت نه آهي، لِهٰذا اهڙو ڪڏهن نه ٿجاڻ چوته ان شخص تي الله پاڪ جو عذاب لهندو آهي، ها! الله پاڪ ان کي پنهنجي رحمت سان هدايت عطا فرمائي ته اهو نيڪ بڻجي ويندو آهي ❷: ٻيو اهو شخص لَهٗ لِسَان بِلَا قَلْبٍ جنهن وٽ زبان آهي، دِل نه آهي (يعني اهو شخص جيڪو ٻين کي ته نيڪي جي دعوت ڏئي ٿو، پاڻ عمل نٿو ڪري، غوثِ پاڪ رَحمَةُ اللهِ عَلَيه فرمائن

تا:) اهڙي شخص کان پري رَهو، ڇوته ڪٽي ان جي گُنَاهن جي باهه توهان کي نه وڪوڙي وني ❸: ٽيون اهو شخص لَهٗ قَلْبٌ بِلَا لِسَانٍ جنهن وٽ دِل آهي پر زبان نه آهي. هي اهو مؤمن آهي جنهن تي الله پاڪ ان جا پنهنجا عيب ظاهر ڪيا آهن، اهو بس تنهائي ۾ رهي پنهنجي اِصلاح ۾ مَصرُوف رهي ٿو، الله پاڪ ان جي دِل روشن ڪري ڇڏي آهي ۽ اهو ماڻهن کان لڪندو رهي ٿو، جيڪڏهن اهڙو ڪو ملي ته ان جي صحبت اختيار ڪيو، ان جي خدمت ڪيو، ان جي برڪت سان الله پاڪ توهان کي به نيڪ ماڻهن ۾ شامِل فرمائيندو. ❹: حُضُور غوثِ پاڪ رَحمَةُ اللهِ عَلَيه فرمائن ٿا: چوٿون اهو شخص آهي جنهن کي ملائڪ عظمت سان ياد ڪن ٿا، حديثِ پاڪ ۾ آهي: جنهن عِلم سکيو، ان تي عمل ڪيو ۽ ٻين کي سيکاريو، ملائڪن وٽ ان کي عظيم چيو ويندو آهي. حُضُور غوثِ اعظم رَحمَةُ اللهِ عَلَيه وڌيڪ فرمائن ٿا: اهو الله پاڪ جي مَعرِفت رکندڙ آهي، هي اهو آهي جنهن کي الله پاڪ پنهنجي آيتن (يعني نشانين) جو عالِم بڻايو آهي، ان جي دِل ۾ نادِر و ناياب عِلم جا موتي رکيا ويا آهن، اهو پسنديده ٻانهو آهي، اهو مقبول آهي، الله پاڪ ان کي هدايت عطا فرمائي، الله پاڪ ان کي پنهنجي قُرب ۾ ترقي عطا فرمائي، عِلم جي لاءِ ان جو سينو کولي ڇڏيو آهي، ان کي نيڪي جي دعوت ڏيڻ وارو، عذابن کان ڊيڄارڻ وارو بڻايو آهي، اهو پاڻ هدايت تي آهي ۽ ٻين کي هدايت ڏئي ٿو، اهو انبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ السَّلَام جو سچو نائب آهي.

حُضُور غوثِ پاڪ رَحمَةُ اللهِ عَلَيه پنهنجي مريدن، پنهنجي چاهيندڙن بلڪ تمام عاشِقانِ رسول کي نصيحت ڪندي فرمائن ٿا: توهان کي اهڙو شخص ملي ته ان کي لازِم پڪڙي وٺو! ان جي مخالفت نه ڪيو! ان کان نفرت نه ڪيو! ان کان الڳ نه رهو! ان جي ڳالهه نه مڃڻ کان، ان جي نصيحت تي عَمَل نه ڪرڻ کان بچو! ڇوته انبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ السَّلَام جو اهڙو سچو نائب جيڪو عِلم تي عمل ڪري به ٿو ۽ نيڪي جي دعوت جون ڌومون به مچائي ٿو، ان جي پيروي ۾ سلامتي آهي. (شرح فُتُوح الغيب، صفحه:353)

نام الیاس عطارؔ ہے جس کا وہ رہبرِ اہلسنت سلامت رہے
روشنی جس کی جگ میں ہے پھیلی ہوئی ماہتابِ ولایت سلامت رہے

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب! صَلَّی اللّٰہ عَلٰی مُحَمَّد

## 12 ديني ڪمن مان هڪ دِيني ڪم: نيڪ اَعمَال

پيارا اسلامي ڀائرو! نيڪ بڻجڻ ۽ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جي لاءِ اوهان بہ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جو ساٿ ڏيو، وڌ کان وڌ 12 ديني ڪمن ۾ حِصّو وٺو، اِن شَآءَ الله الڪرِيم! دِين ۽ دُنيا جون بي شُمار ڀلائيون نصيب ٿينديون.

دعوتِ اسلامي جي 12 ديني ڪمن ۾ هڪ ڪم آهي: 72 **نيڪ اَعمَال**. اهو شيخ طريقت امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ العَالِيَه جو عطا ڪيل مختصر رِسالو آهي، جنهن ۾ نيڪ ڪمن تي مشتمل 72 سُوال ڏنا ويا آهن، هر سوال هيٺ خانا ڏنل آهن، روزانو پنهنجي عملن ۾ غور ۽ فِڪر ڪندي، انهن خانن کي پرڻو آهي. 72 نيڪ اعمال نيڪ بڻجڻ جو انمول نسخو آهي.

## منهنجو ڀاءُ پنج وقت جو نمازي بڻجي ويو

ڪراچي جي هڪ اسلامي ڀاءَ جو بيان آهي: اسان جي مسجد جو امام صاحب دعوتِ اسلامي سان وابستہ آهي، ان هڪ ڏينهن منهنجي وڏي ڀاءُ کي نيڪ اعمال جو رسالو تحفي ۾ ڏنو، ان گهر آندو ۽ ان کي پڙهيائين تہ حيران ٿي ويو تہ هن مختصر رسالي ۾ هڪ مسلمان کي اسلامي زندگي گذارڻ جو ايترو زبردست فارمولو ڏنو ويو آهي. نيڪ اعمال رسالو ملڻ جي برڪت سان الحمد لله ان کي نماز جو جذبو مليو ۽ باجماعت نماز جي ادائيگي جي لاءِ مسجد ۾ حاضر ٿي ويو ۽ هاڻي پنج وقت جو نمازي بڻجي چڪو آهي، ڏاڙهي مبارڪ بہ سجائي ورتي ۽ نيڪ اعمال جو رسالو بہ پرين ٿا.

مدنی اِنعامات کے عامل پہ ہر دم ہر گھڑی    یا اِلٰہی! خوب برسا رحمتوں کی تُو جھڑی

**نوٽ:** دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول ۾ هاڻي "مدني انعامات" کي "نيڪ اعمال" چيو ويندو آهي.

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب!    صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

**پيارا اسلامي ڀائرو!** بيان کي اختتام ڏانهن آڻيندي سُنّت جي فضيلت ۽ چند آدابِ زندگي بيان ڪرڻ جي سَعَادت حاصِل ڪيان ٿو. هڪ ڏينهن تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: مَن تَمَسَّكَ بِسُنَّتِي عِندَ فَسَادِ أُمَّتِي فَلَهُ أَجرُ مِائَةِ شَهِيدٍ يعني اُمت جي فساد جي وقت جيڪو شخص منهنجي سنت تي مضبوطي سان عمل ڪندو ان کي سو شهيدن جو ثواب عطا ڪيو ويندو. (زُہد کبير، صفحہ:118، حديث207)

ہر کام شریعت کے مطابِق میں کروں کاش!    یارب تو مبلّغ مجھے سُنّت کا بنا دے
(وسائلِ بخشش، صفحہ:115)

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب!    صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## "گهروارن تي خرچ" سُنَّتِ مصطفيٰ آهي

۾ 2 **فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ : ❶ قيامت جي ڏينهن ميزانِ عمل تي سڀ کان ڀهريان ٻانهي جو پنهنجي گهر وارن تي خرچ ڪيل مال رکيو ويندو. (معجم الاوسط ،جلد:4، صفحہ: 329، حديث: 6135) ❷ جيڪو ثواب جي نيت سان پنهنجي گهر وارن تي خرچ ڪري ته اهو ان جي لاءِ صدقو آهي. (مسلم ،ڪتا ب :الزکاۃ، صفحہ:502، حديث:1002)

**اي عاشقانِ رسول!** گهروارن تي خرچ ڪرڻ سُنّت مصطفيٰ آهي. ❖ پيارا

آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **پنهنجي گهر وارن تي خرچ ڪندا هئا ❖ حديثِ پاڪ جي مطابق هجرت کان بعد هڪ وقت اهو به آيو جو رسولِ اڪرم، نُورِ مجسم** صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **پنهنجي گهر وارن جي لاءِ سڄي سال جو اَنّ گڏ ڪندا هئا.** (احياء العلوم، ڪتاب: توحيد، جلد: 4، صفحہ:343)

**هن حديثِ پاڪ جي حوالي سان مُفَسّرِ قرآن، حڪيم الاُمَّت مفتي احمد يارخان نعيمي** رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه **جيڪا شرح ڪئي، ان جو خُلاصو آهي ته اهو يعني سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار** صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جو سڄي سال جي لاءِ اَنُّ گڏ ڪرڻ، بنو نُضَير جو قلعو فتح ٿيڻ کان پوءِ جي ڳالھ آهي. اهو به خيال رهي ته حُضُور، جانِ ڪائنات** صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **توڙي جو سڄي سال جو اَنُ گڏ ڪندا هئا پر ازواجِ پاڪ ڪثرت سان صدقو ۽ خيرات ڪنديون هيون، سڄي سال جو اَنُ جلد ختم ٿي ويندو هو ۽ نَوبَت فاقن تائين پهچي ويندي هئي.** (مرآةُ المناجِيۡح، جلد:5، صفحہ:949)

*بھوکے رہتے تھے خود اوروں کو کھلا دیتے تھے　　کیسے صابِر تھے مُحَمَّد کے گھرانے والے*

**اِحياءُ العلوم ۾ آهي: رسولِ اڪرم، نور مجسم** صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جو سڄي سال جو اَنُ گڏ ڪرڻ ان ڪري آهي ته جيئن اهو عَمَل امَّت جي حق ۾ سُنّت بڻجي وڃي، نه ته پاڻ ڪريم** صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جي گهروارا ڪمزور دِل نه هئا (بلڪه اهي الله پاڪ تي ڪامِل ڀروسو رکندڙ هئا)۔** (احياء العلوم، ڪتاب: توحيد، جلد: 4، صفحہ:343)

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِى الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن. (افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا)

## (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا. (افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65)

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن. (القول البديع، الباب الثانی، ص277)

## (4) ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کِن بُزرگن کان نقل کن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي. (افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149)

## (5) قُربِ مُصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَ تَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي. (القول البديع، الباب الاول، ص125)

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي. (الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١))

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

**حضرتِ سَیِّدُنا ابنِ عباس** رَضِیَ اللہُ عَنْہُمَا **کان رِوایت آهي تہ سرکارِ مدینہ** صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ **جن فرمایو: هي درود شریف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.** ( مجمع الزوائد،کتاب الادعیۃ،باب فی کیفیۃ الصلاۃ...الخ،254/10،حدیث:17305)

## (2) جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، **اللہ** عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ: **جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو.** (ابنِ عساکر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد